


# كراماتِ خواجه



پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: ڪراماتِ خواجہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442 فيبروري 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

## ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# كراماتِ خواج رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## كراماتِ خواجہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ


دعاءِعطار ........................................................ 1
درود شريف جي فضيلت .............................................. 1
خواجہ غريب نواز جو تعارف ......................................... 3
اولاد مبارڪ ...................................................... 3
خواجہ جي زباني چار صحابہ ڪرام جو واقعو .......................... 4
ڪلام اللّٰه سان محبت ............................................. 5
تلاوتِ قرآن جا فضائل ............................................. 6
پيرو مرشد جي بارگاھہ ۾ حاضري ..................................... 7
حضور غوثِ پاڪ ۽ خواجہ غريب نواز .................................. 8
ننڍپڻ کان ئي غريب نواز ........................................... 10
دل جي ڳالھہ ڄاڻي ورتي(حڪايت) ..................................... 10
غريب نواز سان اميراھلسنت جي محبت ................................ 12
اميراھلسنت خواجہ جي دربار ۾ ...................................... 13
عاشقِ غريب نواز .................................................. 15
نماز عزت جو سبب آھي .............................................. 17
ھڪ پيرو ناراض ٿيا ................................................ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# كراماتِ خواجہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ

## دعاءِ عطار

يا ربَّ المصطفيٰ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”كراماتِ خواجہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي خواجہ غريب نواز (رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ) جي خواب ۾ زيارت نصيب فرماءِ ۽ ان کي پنهنجي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پنيان پنيان جنّتُ الفردوس ۾ داخله ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو بلا حساب پاڙو نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدُنا عبدالله بن عمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو فرمان آهي: جيڪو نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهندو ان تي الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ 70 ڀيرا رحمت موڪليندا.
(فردوس الاخبار ج1 ص 422، حديث: 3149، دارالفكر بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

چون ٿا تہ ڪنهن شهر ۾ هڪ وڏو ظالم ۽ بد مزاج بادشاهہ رهندو هو. اُن جو شهر جي ڀرپاسي ۾ هڪ نهايت خوبصورت باغ هيو. جنهن ۾ صاف و شفاف پاڻي جو هڪ حوض هو، هڪ الله واري جو اتان گذر ٿيو تہ اهو ان باغ ۾ آيو ۽ حوض جي پاڻي مان غسل ڪري نماز ادا ڪري اُتي ئي ويهي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو ايتري ۾ بادشاهہ جي اچڻ جو شور ٿيڻ لڳو، پر اهو الله پاڪ جو نيڪ ٻانهو اطمينان سان خدا جي ياد ۾ مصروف رهيو. جڏهن اهو ظالم حاڪم پنهنجي شاهي شان و شوڪت سان باغ ۾ داخل ٿيو تہ حوض

جي ڪناري سادڙي لباس ۾ هڪ نيڪ سيرت شخص کي ڏٺو ته ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو، اهو پنهنجي سپاهين کي غضبناڪ ٿي چوڻ لڳو ته هن شخص کي ڪنهن منهنجي باغ ۾ ويهڻ جي اجازت ڏني آهي؟ سپاهي ڏجي رهيا هئا ته اوچتو ان نيڪ هستي جي نگاهِ فيض انوار جي تجلي ان بادشاه تي پئي، اهو بادشاه يڪدم ڪنبڻ لڳو ۽ ڏڪندي زمين تي ڪِري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. اللّٰه پاڪ جي اُن نيڪ ٻانهي پاڻي گهرائي ان جي منهن تي ڇنڊڪيو ته ٿوري دير ۾ ان کي هوش اچي ويو، هوش ۾ ايندي ئي اهو نهايت عاجزي و انڪساري سان پنهنجي ڪوتاهي جي معافي گهرڻ لڳو ۽ پوءِ پنهنجي سيني سپاهين سميت ان اللّٰه واري نيڪ ٻانهي جي هٿ تي توبه ڪري ان جي غلامي ۾ داخل ٿي ويو. (هند کي راجه ص74) **اي عاشقانِ اولياء!** ڇا اوهان ڄاڻيو ٿا ته اهو نيڪ بخت، رعبدار، تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارو نيڪ سيرت انسان ڪير هو؟ اِهو سلسلي عاليه چشتيه جو عظيم پيشوا، سلطان الهند حضرت خواجه غريب نواز حَسن سَنْجَري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هو جيڪو اڳتي هلي هندستان جو بي تاج بادشاه بڻيو. جڏهن خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مدينة الهند اجمير شريف آيا ته سندن ڪوشش سان ماڻهو لاڳيتو اسلام قبول ڪرڻ لڳا جيئن ته دهلي کان اجمير شريف تائين جي سفر ۾ تقريباً نوي لک ماڻهو مسلمان ٿيا. (معين الارواح، ص 188)

خواجہ ہند وہ دربار ہے اعلیٰ تیرا
کبھی محروم نہیں مانگنے والا تیرا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواجہ غريب نواز جو تعارف

خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو اسم گرامي ”حَسَن“ آهي. خواجہ غريب نواز رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جا لقب مُعِينُ الدّين، خواجہ غريب نواز، سُلطانُ الهِند ۽ عطاءِ رسول آهن. خواجہ فارسي زبان جو لفظ آهي ۽ ان جو مطلب آهي ”سردار“، ”آقا“ (فيروز اللغات، ص 633) پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه 14 رجب المرجب 537ھ بمطابق 1142ء ۾ سِجِسّتان يا سيستان جي علائقي ”سَنْجَر“ ۾ پيدا ٿيا ۽ وصال شريف بہ رجب المرجب جي مهيني 6 تاريخ 633 ھ ۾ ٿيو.

## اولاد مبارڪ

اي عاشقانِ غريب نواز! حضرت مُعين الدّين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا بہ صاحبزاده ۽ هڪ صاحبزادي هئي.وڏي پٽ جو نالو ابوالخير حضرت خواجہ فخر الدّين چشتي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هو. پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه علمِ ظاهري و باطني کان مالا مال هئا، والدِ محترم حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي وصال شريف کان پوءِ 20 سال تائين جانشين جي حيثيت سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻهن کي فيض پهچايو. ٻي پٽ جو نالو ابو صالح حضرت خواجہ حسام الدين چشتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هو، ڌيءُ جو نالو بيبي حافظ جمال رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها هو، خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي نياڻي سان خاص شفقت و محبت ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها نهايت پاڪيزه ۽ عبادت گذار خاتون هيون، والد صاحب جي خاص عنايت سان سندن بدولت عورتن کي خواجہ صاحب جي فيضان مان خوب حصو مليو. خواجہ صاحب جي ٻي گهر واري مان بہ هڪ پٽ هيو. جنهن جو نالو خواجہ ابو سعيد ضياءُ الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هو، خواجہ صاحب جي مزار شريف جي اطراف ئي سندن مزار شريف آهي. (تذڪره خواجه اجمير، ص 37، 38)

اپنے قدموں میں بلا خواجہ پیا خواجہ پیا　　اور جلوہ بھی دکھا خواجہ پیا خواجہ پیا
ہو کرم برحالِ ماخواجہ پیا خواجہ پیا　　از پئے داتا پیا خواجہ پیا
آہ! کتنی دیر میں دور ہوں اجمیر سے　　جانے میں کب آؤں گا خواجہ پیا خواجہ پیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواجہ جي زباني چار صحابہ ڪرام جو واقعو

حضرت خواجہ معين الدّين چشتي اجميري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پيرو فرمايو: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيرو اصحابِ ڪهف سان ملاقات جي تمنا ڪئي تہ چيو ويو: توهان انهن کي دنيا ۾ ظاهري طور نٿا ڏسي سگهو، البت آخرت ۾ ڏسي وٺجو ۽ جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ اهي دين اسلام ۾ داخل ٿين تہ اسان انهن کي داخل ڪري ڇڏيون ٿا، اوهان پنهنجي چئن صحابن کي پنهنجي چادر تي ويهاريو، (هوا) سندن مبارڪ چادر کي کڻي اصحابِ ڪهف جي غار تي پهتي، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم اصحابِ ڪهف کي سلام ڪيو، الله پاڪ انهن کي زنده ڪيو

۽ اصحابِ ڪهف سلام جو جواب ڏنو. پوءِ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم اصحابِ ڪهف تي دينِ اسلام پيش ڪيو، جيڪو انهن قبول ڪيو. (دليل العارفين اردو از هشت بشت، ص 86) ڪن ڪتابن ۾ ائين لکيل آهي تہ اصحابِ ڪهف عرض ڪيو: "اسان جي طرفان الله پاڪ جي پياري رسول حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جيسيتائين زمين و آسمان آهن سلامتي نازل ٿئي ۽ اوهان سيني تي بہ." پوءِ اصحابِ ڪهف حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آندو ۽ دينِ اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ عرض

كيو ته:”اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ سلام پيش ڪجو.“ (تفسيرِ الثعلبي، جلد 1 ص1392، تفسيرِ روح البيان، جلد5 ص 231)

مصطفٰے کی انبیا کی ہر صحابی اور ولی　　کی محبت ہو عطا خواجہ پیا خواجہ پیا
دشمنوں میں ہوں گھر صدیق کا صدقہ بچا　　المدد خواجہ پیا خواجہ پیا خواجہ پیا
ہر صحابی نبی جنتی جنتی
چار یارانِ نبی جنتی جنتی
سب صحابیات بھی جنتی جنتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلام اللّٰه سان محبت

اي عاشقانِ اولياء! حضرت خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حافظِ قرآن هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه روزانو ڏينهن جو هڪ ۽ رات جو هڪ ختمو پورو ڪندا هئا. هر ختمِ قرآن ڪان پوءِ غيب مان آواز ايندو هو ته اي معين الدّين! مون تنهنجو ختمِ قرآن قبول ڪيو. (سير الاقطاب، (اردو) ص 136)

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص قرآن ڪريم کي ڏسندو آهي الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان ان جي نظر وڌي ويندي آهي ۽ اُن جون اکيون ڪڏهن به ناهن اٿنديون ۽ نه ئي خشڪ ٿينديون آهن. هڪ ڀيرو هڪ بزرگ مصلي تي ويٺا هئا ۽ سامهون قرآنِ ڪريم هو. هڪ نابينا اچي عرض ڪيو ته مون تمام گهڻو علاج ڪرايو پر آرام نه آيو، هاڻي اوهان وٽ آيو آهيان ته جيئن منهنجون اکيون نيڪ ٿين. مان اوهان کي دعا جو عرض ڪيان ٿو، بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪعبي ڏانهن منهن ڪري فاتحه پڙهي ۽ قرآنِ پاڪ کڻي ان شخص

جي اکين تي مَليو جنهن سان ان جون ٻئي اکيون روشن ٿي ويون.
(دليل العارفين اردو از هشت بهشت، ص 80)

رب کی عبادت کی دشواری　　اور گناہوں کی بیماری
دونوں آفتیں دور ہوں خواجہ　　یاخواجہ مری جھولی بھر دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ خواجه غريب نواز!** اسان جا آقا، هند جا راجه، خواجه صاحب روزانو ٻه ڀيرا قرآنِ ڪريم ختم ڪن ۽ اسان عاشقانِ خواجه ڪان سڄي مهيني بلڪ سڄي سال ۾ هڪ ڀيرو به قرآنِ ڪريم ختم نه ٿئي؟ هي ڪهڙو عشق ۽ ڪهڙي محبت آهي؟ خواجه غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي نقشي قدم تي هلندي روزانو قرآنِ ڪريم جو معمول ٺاهڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ ان جون برڪتون ميڙيو، گهر ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ٿيندي رهندي ته رحمتون نازل ٿينديون رهنديون ۽ بلائون، آفتون پري ٿينديون. قرآن شريف جي تلاوت جو شوق ماڻڻ جي لاءِ ٿي فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ روزانو قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو.

## تلاوتِ قرآن جا فضائل

(1) اَفْضَلُ عِبَادَةِ اُمَّتِیْ تِلَاوَةُ الْقُرْاٰنِ يعني منهنجي اُمّت جي افضل عبادت قرآنِ ڪريم جي تلاوت آهي. (شعب الايمان للبيهقي، جلد2 ص354، حديث:2022،دون اللفظ"تلاوت")

(2) الله پاڪ مخلوق پيدا ڪرڻ کان هزار سال پهريان سوره طٰهٰ ۽ يٰسين جي تلاوت فرمائي، جڏهن ملائڪن قرآن ٻڌو ته چيو: ڀلائي ۽

خوبي آهي اُن امّت جي جنهن تي اِهو لهندو ۽ خوبي آهي انهن سينن جي جيڪي هن کي کٽندا ۽ خوبي آهي انهن زبانن جي جيڪي هن کي پڙهنديون. (المجالسة و جواهرالعلم، جلد1 ص 21،حديث:14)

(3) ٽي قسم جا ماڻهو قيامت جي ڏينهن ڪاري ڪستوري جي دڙن تي هوندا انهن کي ڪنهن قسم جي گهٻراهٽ ڪانہ ٿيندي، نہ انهن کان حساب ورتو ويندو ايسيتائين جو ماڻهو حساب کان فارغ ٿين. (انهن مان هڪ) اهو شخص آهي جنهن رضاءِ الٰهي جي لاءِ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ ماڻهن جي امامت ڪئي جڏهن تہ اهي ان کان خوش هجن. (شعب الايمان، جلد2 ص 348، حديث: 2002 بتغير)

الٰہی خوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا
شرف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيرو مرشد جي بارگاهہ ۾ حاضري

خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لاڳيتو ويهہ سال پنهنجي پير و مرشد حضرت عثمان هاروَني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گڏ رهيا ۽ پيرومرشد سان گڏجي مديني پاڪ جي حاضري سان مشرف ٿيا. بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضري جي وقت سنهرين ڄارين جي سامهون پيرومرشد جڏهن ڪين اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ سلام عرض ڪرڻ جو فرمايو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نهايت ادب و احترام سان بارگاهہ رسالت ۾ سلام عرض ڪيو تہ

اندران جواب آيو:”وعليڪم السلام يا قُطبَ المشائخ“ اهو ٻڌي پيرو مرشد شڪر جو سجدو ڪيو ۽ فرمايو: هاڻي توهان ڪمال واري درجي تي پهچي ويا. (هندکے راجه، ص72)

سلطانِ کونین کا صدقہ　　مولیٰ علی حسنین کا صدقہ
صدقہ خاتونِ جنت کا　　یاخواجہ مری جھولی بھر دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضور غوث پاڪ ۽ خواجہ غريب نواز

اي عاشقانِ اولياء! حضرت خواجہ غريب نواز معين الدّين حسن سَنجري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نَجيبُ الطرفين (يعني حسني حُسيني سيّد) هئا. سندن والدِ محترم ۽ امڙ سائڻ ٻئي ساداتِ ڪرام جي گهراڻي سان تعلق رکندا هئا. مَلِڪُ التحرير حضرت علامہ ارشد القادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: والدِ محترم جي طرفان سندن نسب رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏوهٽي، شهيدِ ڪربلا حضرت امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ امڙ جي طرفان سندن نسب جگرِ گوشہ مرتضيٰ حضرت امامِ حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ سان وڃي ملي ٿو. سرڪارِ غريبِ نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي امڙ سائڻ حضور غوثِ پاڪ (شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) جي سؤٽ آهي، هن رشتي سان حضور غوث پاڪ خواجہ غريب نواز جا ماما آهن. (حياتِ خواجہ اعظم ص 69)

عظيم عاشقِ صحابہ و اهلبيت، غلام غوثِ پاڪ، گداءِ غريب نواز، عاشق امام احمد رضا، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي نعتيہ ڪتاب ”وسائلِ بخشش“ ۾ لکن ٿا:

یامعین الدین اجمیری! کرم کی بھیک دو　　از پئے غوث ورضا خواجہ پیا خواجہ پیا
شبر وشبیر کاصدقہ بلائیں دور ہوں　　اے مرے مشکلکشا خواجہ پیا خواجہ پیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## امام احمد رضا جي زباني خواجہ جي ڪرامت

اعلٰحضرت، امام اهلسنت امام احمدرضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: حضرت خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي مزار مان تمام گهڻو فيض و برڪت حاصل ٿئي ٿو، مولانا برڪات احمد صاحب مرحوم جيڪو منهنجو پير ڀاءُ هو ۽ منهنجي والدِ ماجد جي شاگردن مان بہ هو انهن مون کي ٻڌايو تہ مون اکين سان ڏٺو تہ هڪ غير مسلم جنهن جي مٿي کان پيرن تائين ڦرڙيون هيون، الله ئي ڄاڻي ٿو تہ ڪيتريون هيون، منجهند جو ايندو هو ۽ دربار شريف جي سامهون گرم پٿرين ۽ پٿرن تي ليٽندو ۽ چوندو هو: خواجہ اگن(يعني اي خواجہ! جلن) تي رهي آهي. ٿئين ڏينهن مون ڏٺو تہ بلڪل ٺيڪ ٿي ويو آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص 384) برادرِ اعليٰ حضرت مولانا حسن رِضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ بارگاهِ خواجہ غريب نواز ۾ عرض ڪن ٿا:

پھر مجھے اپنا درِپاک دکھادے پیارے
آنکھیں پرنور ہوں پھر دیکھ کے جلوہ تیرا

محی دیں غوث ہیں اور خواجہ معین الدیں ہے
اے حسن کیوں نہ ہو محفوظ عقیدہ تیرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نِنڍپڻ کان ئي غريب نواز

عيد جو پلارو ڏينهن هو، هر پاسي عيد جو خوشيون هيون، حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سٺو لباس پهري عيد جي نماز جي لاءِ وڃي رهيا ها تہ رستي ۾ هڪ نابينا ڇوڪري کي ڏٺائون جيڪو واٽ تي اداس و غمگين ويٺو هو ان جو مايوس چهرو، ڦاٽل جوتا، غريبي حال ڏسي حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي دل غم سان پرجي وئي انهيءَ وقت پنهنجا ڪپڙا لاهي ان غريب ۽ نابينا ٻار کي پارائي ڇڏيائون (پاڻ پراڻا ڪپڙا پائي) ان کي پاڻ سان گڏ عيد گاهہ وٺي ويا. هن واقعي جي روشني ۾ اِهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ ننڍپڻ کان ئي حضرتِ خواجہ ”غريب نواز“ هئا. (معين الهند حضرت خواجه معين الدين اجميري، ص 22)

جھولیاں بھرتے ہو منگتوں کی مجھے بھی ہو عطا

حصہ جودوسخا خواجہ پیا خواجہ پیا

نے میں سائل راج کا نے تخت کا نے تاج کا

میں فقط منگتا ترا خواجہ پیا خواجہ پیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دل جي ڳالھہ ڄاڻي ورتي (حڪايت)

**حضرت خواجہ غريب نواز** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سفر جي دوران هڪ ضعيف و ڪمزور جسم واري بزرگ سان مليا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون دل ۾ سوچيو تہ انهن کان پڇان ٿو تہ توهان ايترا ڪمزور ڇو آهيو؟

اهو بزرگ دلين جا راز ڄاڻيندو هيو، خواجه صاحب جي پڇڻ کان اڳ ۾ انهن خودبخود ٻڌايو ته هڪ ڏينهن منهنجو دوستن سان گڏجي قبرستان وڃڻ ٿيو. مان هڪ قبر وٽ ويهي رهيس اُتي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين ته ان دوران ڪا اهڙي ڳالهه ٿي جنهن جي ڪري مونسان ٺٺ نڪري ويو، ان قبر مان آواز آيو اي غافل! جنهن جي پنيان موت هجي ۽ جنهن جي ملکُ الموت سان ملاقات طئي هجي ۽ جنهن کي زمين جي هيٺان قبر ۾ دفن ٿيڻو آهي جتي ان جا ساٿي نانگ ۽ وڇون هجن ان جو کلڻ سان ڪهڙو تعلق؟ جڏهن مون اهو دردناڪ آواز ٻڌو، اتان اٿيس ۽ دوستن جي مجلس کي ڇڏي هن غار ۾ اچي رهڻ لڳو آهيان، اڄ تائين هن واقعي جي خوف سبب ڳري رهيو آهيان ۽ چاليهه سالن کان شرم و حياء جي ڪري مون آسمان ڏانهن نگاهه کڻي ناهي نهاريو. (تذڪره خواجه اجميري، ص 14)

ڈوبا ابھی ڈوبا مجھے للہ سنبھالو — سیلاب گناہوں کا بڑے زور سے آیا
ڈوبا چشم شفااب توشہا! سوئے مریضاں — عصیاں کے مرض نے ہے بڑا زور دکھایا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ وڏو درس آهي. جيتوڻيڪ "ٺٺ لڳائڻ" گناهه ناهي پر هن کان بچڻ گهرجي ڇوته ٺٺ لڳائڻ سنت ناهي ۽ گهڻو کلڻ سان دل مرده ٿي ويندي آهي ۽ قبرستان ۾ کلڻ ته تمام برو آهي، ڇوته قبرستان ته عبرت حاصل ڪرڻ جي جاءِ آهي هتي اچي پنهنجي موت ۽ پنهنجي دفن ٿيڻ کي ياد ڪري روئڻ گهرجي، ترمذي شريف جي حديثِ پاڪ آهي

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: لذتن کي ختم ڪرڻ واري موت کي گهڻو ياد ڪندا ڪيو. (ترمذي، جلد4 ص138. حديث:2314)

تنهنڪري سچي دل سان پنهنجي سيني گناهن کان توبہ ڪري اولياءِ ڪرام جي مبارڪ زندگي مان روشناس ٿيندي ان جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪيو، عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ"دعوتِ اسلامي" جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي نيڪيون ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃو پڻ نيڪ بڻجڻ جي لاءِ "72 نيڪ اعمال" تي پابندي سان عمل ڪيو، روزانو وقت مقرر ڪري پنهنجي سچي ڏينهن جي عملن جو جائزو وٺو ۽ نيڪ عمل ٿيڻ تي الله پاڪ جو شڪر ۽ گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ سچي دل سان توبہ ڪرڻ گهرجي.

گورِ نیکاں باغ ہوگی خلد کا — مجرموں کی قبر دوزخ کا گڑھا
کھلکھلا کر ہنس رہا ہے بے خبر! — قبر میں روئے گا چیخیں مار کر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غريب نواز سان اميراهلسنت جي محبت

شيخ طريقت، اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه 5 رجب المرجب1431 ھ "عرس خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه" جي موقعي تي ٿيڻ واري پنهنجي هڪ بيان ۾ فرمائن ٿا: وڏا وڏا بادشاهہ دنيا ۾ آيا ۽ هليا ويا پر هن بي تاج بادشاهہ (يعني خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه) کي دنيا مان ويندي

صديون گذري ويون، اڄ بہ مزار مبارڪ تي لکين ديوانن جو هجوم ملي ٿو، ڪو زنده بادشاهہ يا وزير بہ لکين ماڻهن کي جمع نٿو ڪري سگهي، جمع ڪري بہ وٺي پر ان ۾ محنت تمام گهڻي لڳندي، پر خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي سلطنت لکين بلڪ ڪروڙين ماڻهن جي دلين تي آهي ۽ سڄي دنيا مان ماڻهو سندن دربار ۾ محبت سان اچن ٿا، نہ صرف مسلمان بلڪ غير مسلم بہ سندن جي دربار تي اچي ڪنڌ جهڪائن ٿا، اهڙو بلند شان آهي غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو.

## اميراهلسنت خواجہ جي دربار ۾

**اي عاشقانِ خواجہ!** الحمدللّٰه! اميراهلسنت عظيم عاشق خواجہ و رضا آهن، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ پيرا اجمير شريف خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار شريف تي حاضر ٿيا. هڪ پيرو 1998ء ۾ شعبان المعظم جي مبارڪ مهيني ۾ نفل روزو رکي پنهنجي جانشين صاحبزادي، حضور، حاجي عبيد رضا عطاري مدني مدظله العالي ۽ ڪيئي عاشقانِ خواجہ سان گڏجي فجر جي نماز کان پوءِ مزارِ غريب نواز تي حاضر ٿيا، عاشقِ خواجہ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اجمير شريف پهچي خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شان ۾ هڪ ”منقبت“ لکي جنهن جو پهريون شعر هيءُ آهي:

میں ہوں سائل میں ہوں منگتا — یاخواجہ مری جھولی بھر دو
ہاتھ بڑھا کر ڈال دو ٹکڑا — یاخواجہ مری جھولی بھر دو

اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دربارِ غريب نواز تي سنگِ مرمر جي جارين جي طرف باادب ويهي غالباً پنهنجي چادر شريف کي جهولي وانگر ڦهلائي منقبت پيش ڪري رهيا هئا تہ هن جملي

یاخواجہ مری جھولی بھر دو، یاخواجہ مری جھولی بھر دو جي تڪرار تي رهي هئي تہ ڪتان ڪان هڪ تازي گلاب جو پن اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَۃ جي جهولي ۾ اچي ڪِريو، پوءِ خوشي مان هيءُ آواز بلند ٿيو تہ خواجہ نے مری جھولی بھر دی، خواجہ نے مری جھولی بھر دی ايتري ۾ جانشين اميراهلسنت صاحبزاده عطار حاجي عبيد رضا عطاري مدني مدظله العالی اهو پن پنهنجي پياري پياري والد صاحب جي چادر شريف مان ڪنيو ۽ بعدِ مغرب افطار جي وقت ان پن کي کائي ڇڏيو.

الله پاڪ جي امير اهلسنت تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

منقبت جا چند شعر هيءُ آهن:

میں ہوں سائل میں ہوں منگتا — یاخواجہ مری جھولی بھر دو
ہاتھ بڑھا کر ڈال دو ٹکڑا — یاخواجہ مری جھولی بھر دو

جو بھی سائل آجاتا ہے — من کی مرادیں پاجاتا ہے
میں نے بھی دامن ہے پسارا — یاخواجہ مری جھولی بھر دو

مجھ کو عشقِ رسول عطا ہو — خواجہ نظر کرم سے بنادو
شاہِ مدینہ کا دیوانہ — یاخواجہ مری جھولی بھر دو

دے دو تم عطار کو خواجہ — سنت کی خدمت کا جذبہ
ہر سو دیں کا بجادے ڈنکا — یاخواجہ مری جھولی بھر دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاشقِ غريب نواز

**اي عاشقانِ اولياء!** شيخ طريقت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابوبلال الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة تمام صحابه و اهلبيت، اولياءِ ڪرام سان بيحد عقيدت و محبت رکندا آهن، خواجه غريب نواز حضرت معين الدّين حسن سَنجري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان سندن محبت پنهنجو مثال پاڻ آهي، امير اهلسنت خواجه غريب نواز سان بي انتها پيار ڪن ٿا، ڪيئي ڀيرا پاڻ پنهنجي بيانن ۽ مدني مذاڪرن ۾ هند جي رهڻ وارن عاشقانِ رسول کي هن طرح مخاطب ڪندا آهن "منهنجي خواجه و رضا" جي هند جا رهڻ وارا اسلامي ڀائرو. امير هلسنت خواجه صاحب جي شان ۾ پنهنجي نعتيه ڪتاب "وسائل بخشش" ۾ ٽي منقبتون لکيون آهن ۽ پاڻ خواجه صاحب جي ڪرامتن تي باقاعده هڪ رسالو"خوفناڪ جادوگر" به لکيو آهي پڻ امير اهلسنت خواجه صاحب جي عُرس شريف 6 رجب المرجب ۾ ڇٽي شريف جي نسبت سان 6 مدني مذاڪرن جو اهتمام فرمائيندا آهن، جتي هنن مذاڪرن ۾ خواجه غريبِ نواز سميت ٻين بزرگانِ دين جي ذڪرِ خير جي ذريعي عاشقانِ اولياء کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي اُتي ئي مدني مذاڪري کان پهريان يادِ غريب نواز ۾ عالمي مدني مرڪز ۾ "جلوسِ خواجه" به ڪڍيو ويندو آهي جنهن ۾ امير اهلسنت جا خواجه جي شان ۾ لکيل مختلف"نعرا" ۽ منقبتون پڙهيون وينديون آهن. امير اهلسنت جا خواجه جي شان ۾ لکيل نعرا هي آهن...

خواجهٔ خواجگاں غریب نواز
اے شہہِ صالحاں غریب نواز

ہیں کسِ بے کساں غریب نوار غریب نواز مرشدِ ناقصاں غریب نوار غریب نواز
حامی بے بساں غریب نوار غریب نواز ہادی گمراہاں غریب نوار غریب نواز
سیدِ زاہداں غریب نوار غریب نواز رہبر کاملاں غریب نوار غریب نواز

اميراهلسنت خواجہ صاحب سان عقيدت و محبت جي بنا تي خاص طور عُرسِ غريب نواز جي ڏينهن ۾ هڪ ڪارڊ پنهنجي سيني تي لڳائيندا آهن جنهن ۾ بہ فرامينِ خواجہ لکيل هوندا آهن، ڪارڊ تي خواجہ صاحب جي چمڪندڙ سفيد گنبذ جي تصوير بہ ٿهيل آهي.

(ڪارڊ جي تصوير هي آهي)







صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪالھ ڪھڙو منھن ڏيکاريندا سين؟

**حضرت خواجہ** غريب نواز رَحمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جو هڪ پيرو هڪ اهڙي شهر مان گذر ٿيو جتي ماڻهو وقت کان پهريان نماز جي لاءِ تيار ٿي ويندا ۽ وقت تي نماز ادا ڪندا هئا. انهن جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن اسان نماز جي تياري جلدي نہ ڪنداسين تہ ٿي سگهي ٿو هن جو وقت نڪري وڃي پوءِ ڪالھ بروزِ قيامت الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا سين.؟

(دليل العارفين، ص 68)

## نماز عزت جو سبب آهي

**اي عاشقانِ غريب نواز!** حضرت خواجہ غريب نواز رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ارشادات جو مشهور ڪتاب "دليل العارفين" ۾ آهي حضرت خواجہ معين الدّين رَحمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ ارشاد فرمائن ٿا: ٻانهو صرف نماز ئي سان قابلِ عزت ٿي سگهي ٿو ان ڪري جو نماز مومن جي معراج آهي، تمام مرتبن کان وڏيڪ نماز آهي، الله پاڪ کان ملاقات جو سڀ کان پهريون وسيلو "نماز" ئي آهي، وڏيڪ فرمائن ٿا: نماز هڪ راز آهي جيڪو الله پاڪ جي بارگاھ ۾ ٻانهو بيان ڪري ٿو، حديثِ پاڪ ۾ آهي: نمازي پنهنجي ربّ ڪريم سان مناجات ڪرڻ وارو آهي.

(مسلم شريف، ص 220، حديث: 1230)

وڌيڪ فرمائن ٿا: نماز هڪ امانت آهي جيڪا الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي حوالي ڪئي آهي، تنهنڪري ٻانهن تي لازم آهي تہ اهي هن امانت ۾ ڪنهن قسم جي خيانت نہ ڪن.

(دليل العارفين، اردو، ص64، از هشت بشت، شبير برادرز)

ہر عبادت سے برتر عبادت نماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز

نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ
رب سے دلوائے گی تم کو جنت نماز

یاخدا تجھ سے عطار کی ہے دعا
مصطفٰے کی پڑھے پیاری امت نماز

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ پيرو ناراض ٿيا

سلسله چشتيه جا عظيم پيشوا بابا فريد الدّين گنجِ شڪر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي پير و مرشد حضرتِ خواجه قطب الدّين بختيار ڪاڪي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: مان 20 سالن تائين شيخ المشائخ خواجه معينُ الدّين چشتي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ رهيس، مون سڄي عرصي ۾ صرف هڪ ڀيرو سندن کي ڪنهن تي ناراض ٿيندي ڏٺو، اهو هن طرح جو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڀيرو ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا ته سندن مريد کي هڪ شخص پڪڙي چئي رهيو هو ته مونکي پنهنجا پئسا ڏي (يعني سختي سان پنهنجي قرض جو مطالبو ڪري رهيو هو.) خواجه صاحب جڏهن اهو ڏٺو ته ان شخص کي ڏاڍو سمجهايو پر ان شخص ڪونه مڃيو، آخرڪار پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ناراض ٿي پنهنجي ڪلهن تان چادر لاهي زمين تي رکي، اها سون جي اشرفين سان ڀريل هئي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: جيتري رقم منهنجي مريد

ڪان ونڻي اٿئي اوتري هتان(يعني اشرفين مان) ڪٽي وٺ. ان ڪان وڏيڪ نہ ڪٽجان، اُن لالچ ۾ اچي ڪجھ وڏيڪ ڪٽڻ گھريو تہ ان جو هٿ سُڪي ويو، اُن غريب نواز جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: مان توبہ ڪريان ٿو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دعا ڪئي تہ ان جو هٿ نيڪ ٿي ويو.

(اسرا الاولياء اردو، ص 379، از هشت بشت شبير برادرز)

تیری الفت میں جیوں تیری الفت میں مروں
ہو کرم ایسا شہا! خواجہ پیا خواجہ پیا

ایک ذرّہ ہو عطا عطار کے ہوجائیگا
خواجہ! گھر بھر کا بھلا خواجہ پیا خواجہ پیا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

